# اسلام ۾ عورت جو رُتبو

## هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

( اسلامي ڀينرن جي لاءِ )

**20-July-2017**

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# اسلام ۾ عورت جو رُتبو

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرود شريف جي فضيلت

**رحمت عالم**صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن جو فرمانِ دلنشين آهي: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله** عَزَّوَجَلَّ **ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله** عَزَّوَجَلَّ **ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن مون تي سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله** عَزَّوَجَلَّ **انهيءَ جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ جهنم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ انهيءَ کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.**(مُعْجَم اَوسَط ج۵ ص۲۵۲ حديث ۲۲۳۵)

اُن پر درود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں     اُن پر سلام جن کو خبر بے خبر ہے

**مُختصر وضاحت: اسان جي پياري آقا، مکي مدني مُصطفيٰ** عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **تي بيحد دُرُودوسلام هجن جيڪي بي سهارن جو سهارو آهن ۽ انهن کي هر بي خبر جي بہ خبر آهي.**

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندَس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندَس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندَس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ پست آواز سان جواب ڏيندَس ❁ اجتماع کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس- جيڪو ڪجھ ٻڌندَس ان کي ٻڌي ڪري سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ کان پوءِ ٻين تائين پهچائي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس، دورانِ بيان موبائل جي غير ضروري استعمال کان بچندَس، نه بيان ريڪارڊ ڪندَس نه ئي ڪنهن قسم جو آواز (جو ته ان جي اجازت ناهي)

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون !اسلام صرف ڪجهه عقيدن ۽ فرض جي ادائيگي جو نالو ناهي بلڪ اسلام ته انسان ڪي زندگي گذارڻ جا سنهري اُصول سڪاري ٿو ۽ انهن ڪي اونداهين ۽ تاريڪين مان ڪڍي علم جي روشني سان چمڪائي ٿو آهي، انساني زندگي جو ڪو حصو اهڙو ناهي جو جنهن بابت اسلام رهنمائي نه ڪندو هجي، اسلام جتي هڪ ٻئي جا حق (Rights) بيان ڪيا آهن، اتي اسلام کان پهريان معاشري جي ظلم و ستم جي چڪي ۾ ڊپيل عورت ڪي ظُلم و سِتم جي دلدل مان ڪڍي ان ڪي اهي تمام جائز حق ڏياريا جنهن کان اها محروم ڪئي ويندي هئي، مطلب ته اسلام عورتن ڪي عزّت جو تاج پارائي انهن ڪي معاشري (Society) ۾ اهو حقيقي مقام ڏنو، جنهن جو تصوّر به اسلام کان پهريان يعني زمانه جاهليت ۾ عورت جي وهم وگمان ۾ نه هو،

## فاروقِ اعظم دريا ڪي جاري ڪري ڇڏيو

شيخِ طريقت، اَميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي "**ڪراماتِ فاروقِ اعظم**" ۾ هڪ حڪايت نقل فرمائن ٿا: جڏهن مِصر فتح ٿيو ته هڪ ڏينهن مِصر وارن حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪي عرض ڪيو: اي امير! اسان جي درياءِ نيل جي هڪ رسم آهي جيستائين ان رسم ڪي ادا نه ڪيو وڃي درياءَ وهندو ناهي. انهن پڇا ڪئي: ڪهڙي رسم؟ چيائون: اسان هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ ڪي ان جي والدين کان وٺي سهڻو لباس ۽ قيمتي زيورن (Jewellery) سان سينگاري درياءِ نيل ۾ داخل ڪندا آهيون. حضرت سيِّدُنا عَمرو

بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو: اسلام ۾ هرگز ائين نٿو ٿي سگهي ڇوته اسلام ته پراڻي بُرين رسمن کي ختم ڪندو آهي. پوءِ اها رسم پوري نه ڪئي وئي ته درياء جي وهڪري ۾ گهٽتائي اچڻ لڳي ايستائين جو ماڻهن اتان ڪان لڏ پلاڻ جو ارادو ڪيو. اهو ڏسي حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ اَميرُ المُؤمِنِين، خليفهءِ ثاني، حضرت سيِّدُنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي خدمت ۾ سڄو احوال لکي موڪليو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جواب ۾ لکيو: توهان نيڪ ڪيو بيشڪ اسلام اهڙين رسمن کي ختم ڪري ٿو. منهنجي هن خط (Letter) ۾ هڪ چٺي آهي ان کي درياءِ نيل ۾ وجهجو. حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وٽ جڏهن اَميرُالمُؤمِنِين جو خط پهتو ۽ انهن اها چٺي هن خط مان ڪڍي ته ان ۾ لکيل هو: ”(اي درياءِ نيل!) جيڪڏهن تون پنهنجو پاڻ جاري آهين ته جاري نه ٿي ۽ جيڪڏهن تو کي الله تعاليٰ جاري فرمايو آهي ته مان واحد ۽ قهّار ربّ عَزَّوَجَلَّ کي عرض ڪيان ٿو تو کي جاري فرمائي. حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ اها چٺي درياءِ نيل ۾ وڌي ته هڪ رات ۾ سورهن گز پاڻي وڌي ويو ۽ اها رسم مصر مان بالڪل ختم ٿي وئي.

(ڪرمات فاروق اعظم ، ص ۱۵، العظمه لامام اصبهاني، ص ۳۱۸، رقم ۹۴۰، ملخصاً)

چاہیں تو اشاروں سے اپنے، کایا ہی پلٹ دیں دنیا کی
یہ شان ہے خدمت گاروں کی، سردار کا عالم کیا ہو گا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون !بيان ڪيل حڪايت مان معلوم ٿيو ته اَميرُ المُؤمِنِين، حضرت سيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي حڪمراني دريائن جي پاڻي تي به جاري هئي ۽ درياء جو وهڪرو به پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي نافرماني نه ڪندو هو. اهو به معلوم ٿيو ته وجودِ ڪائنات ۾ اسلامي تعليمات

www.dawateislami.net

جو نور ڦهلجڻ کان پهريان ڪيئي عجيب و غريب غير شرعي رسمن ۽ بُرائين ۾ مُعاشرو وڪوڙيل هو، مثال طور جڏهن درياءِ نيل سُڪڻ لڳندو هو ته مصر وارن انهن جو هي دل خراش حل ڪڍيو ته اهي هر سال هڪ بي گناهه نوجوان ڇوڪريءَ کي زيورات سان سينگاري ان کي درياء جو نذرانو ڪندا هئا يعني دريا ۾ وجهندا آهن ۽ اهو باطل خيال قائم ڪندا آهن ته درياء نيل کي جاري رکڻ جي لاءِ اهو گهڻو ضروري آهي نه ته اهو سُڪي ويندو، پر قربان وڃجي! نگاهه نُبُوّت سان فيض يافته، بارگاهه رِسالت جا تعليم و تربِيت يافته اميرالمؤمنين حضرت سيّدُنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تي جو جڏهن پاڻ کي انهن جي هن جاهلانه رسم جو علم ٿيو ته عورتن جي حقن جي علمبردار ۽ اسلام جي شيدائي جي ايماني غيرت کي جوش آيو ۽ پاڻ پنهنجن اختيارن (Authority) جو استعمال ڪندي مِصر وارن جي اسلام مخالف هن شرمناڪ رَسم جو سختي سان نوٽس ورتو ۽ ان کي فوري بند ڪرائي ڇڏيو، عورتن جو وقار بلند ڪيو ۽ انهن کي انهن جو حقيقي مقام ڏيارڻ ۾ اهو شاندار ڪردار ادا ڪيو جو خود انسانيت کي به اوهان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تي فخر رهندو.

بهرحال هي ته اهو دور هو جو جڏهن اسلام جلوه گر ٿي چڪو هو، جيڪڏهن اسان اسلام کان پهريان يعني زمانه جاهليت ۾ عورتن جي حيثيت (Status) جو جائزو وٺون ته اسان تي اها حقيقت ظاهر ٿي ويندي ته انهن تي ٿيندڙ ظلم پنهنجي انتها کي پهتل هئا. اسلام کان اڳ ۾ عورت کي کهڙي کهڙي دل سوز مصيبتن کي منهن ڏيڻو پوندو هو، اچو هن باري ۾ ٻڌون ٿا،

## عورت اسلام کان اڳ ۾

اسلام کان پهريان عورتن جو حال گهڻو خراب هو، دنيا ۾ عورتن جي

www.dawateislami.net

ڪا عزّت ۽ اهميت ئي نہ هئي، مردن جي نظر ۾ ان ڪان وڌيڪ عورتن جي ڪا حيثيت ئي نہ هئي تہ اهي مردن جي نفساني خواهش پوري ڪرڻ جو هڪ ”رانديڪو“ هيون، عورتون ڏينهن رات مردن جي مختلف قسم جون خدمت ڪنديون هيون ايستائين جو محنت مزدوري ڪري جيڪو ڪجھ ڪمائينديون هيون، اهو بہ مردن کي ڏئي ڇڏينديون هيون پر ظالم مرد پوءِ بہ انهن عورتن جو قدر نہ ڪندا هئا بلڪ جانورن وانگر انهن کي مار ڪُٽ ڪندا هئا، ٿوري ٿوري ڳالھ تي عورتن جا ڪن نڪ وغيره عضوا ڪٽيندا هئا ۽ ڪڏهن تہ قتل بہ ڪري ڇڏيندا هئا.

پيءُ جي مرڻ ڪان پوءِ انهن جا پٽ جهڙي طرح پيءُ جي جائيداد ۽ سامان جا مالڪ ٿي ويندا هئا، اهڙي طرح پنهنجي پيءُ جي زالن جا مالڪ پڻ بڻجي ويندا هئا ۽ انهن عورتن کي زبردستي ٻانهيون ناهي رکندا هئا. عورتن کي انهن جي ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ يا مڙس جي وراثت مان ڪو حصو نہ ملندو هو نہ عورتون ڪنهن شيءِ جون مالڪ هونديون هيون. عرب جي بعض قبيلن ۾ اهو ظالماڻو دستور هو تہ بيوه ٿيڻ ڪان بعد عورتن کي گھر مان ٻاهر ڪڍي هڪ ننڍڙي تنگ ۽ تاريڪ جهونپڙي ۾ هڪ سال تائين قيد ۾ رکيو ويندو هو، اهي جهونپڙي مان ٻاهر نہ نڪري سگھنديون هيون، نہ غسل ڪنديون هيون نہ ڪپڙا بدلائي سگھنديون هيون، کائڻ پيئڻ ۽ پنهنجون تمام ضرورتون انهيءَ جهونپڙي ۾ پوري ڪنديون هيون. ڪيئي عورتون تہ ٻوساٽجي مري وينديون هيون ۽ جيڪي زندھ بچي وينديون هيون تہ هڪ سال ڪان پوءِ انهن جي دامن ۾ اُٺ جا ڦهولڙا وڌا ويندا هئا ۽ انهن کي مجبور (Force) ڪيو ويندو هو تہ اهي ڪنهن جانور جي بدن سان پنهنجي بدن کي مهٽن پوءِ سڄي شهر جو انهيءَ

www.dawateislami.net

گندي لباس ۾ چکر لڳائن ۽ هيڏانهن هوڏانهن اُٿ جا ڦهولڙا اڇلائينديون هلنديون رهن. اهو هن ڳالهہ جو اعلان هوندو هو تہ انهن عورتن جي عدّت ختم ٿي وئي آهي. اهڙي طرح ٻيون خراب رسمون بہ هيون جيڪي غريب عورتن جي لاءِ مصيبتن ۽ بلائن جو سبب هيون ۽ ويچاري مصيبت جون ماريل عورتون ٻوساٽجي پنهنجي زندگي جا ڏينهن گذارينديون هيون. سالن تائين اهي ظلم ۽ ستم جون ماريل ڏکايل عورتون پنهنجي بيڪسي ۽ لاچاري تي آه زاري ۽ لڙڪ وهائينديون رهيون پر دنيا ۾ ڪو بہ انهن عورتن جي زخمن تي مَرهم رکڻ وارو ۽ انهن جا لڙڪ اگهڻ وارو پري پري تائين نظر نہ ايندو هو نہ دنيا ۾ ڪو بہ انهن جي ڏک درد جي فرياد ٻڌڻ وارو هو نہ ڪنهن جي دل ۾ هنن عورتن جي لاءِ رحم و ڪرم جو ڪو جذبو هو.

## عورت اسلام کان بعد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون ! اسلام کان پهريان عورتن تي ٿيندڙ ظُلم ۽ سِتم کي روڪڻ جي لاءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ نبي رحمت، شفيع اُمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اسلامي احڪامات ڏئي موڪليو. رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد سان سڄي دنيا ۾ نرالو انقلاب برپا ٿيو ۽ لاچار عورتن جا بہ ڏک درد دُور ٿي ويا. جڏهن اسان جا آقا، ڏکايلن جا ملجاء و ماويٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي طرفان"دين اسلام" کڻي تشريف فرما ٿيا تہ سڄي دنيا جي ستايل عورتن جي قسمت جو ستارو چمڪي پيو.اسلام جي بدولت ظالم مردن جي ظلم۽ستم سان ڏتڙيل ۽ مظلوم عورتن جو درجو ايتري قدر بلند ۽ بالا ٿيو جو عبادات ۽ معاملات بلڪ زندگي (Life) ۽ موت جي هر مرحلي ۽ هر موڙ تي عورتن کي عزت ڀريو مرتبو حاصل ٿيو، مردن وانگر عورتن جا بہ حق مقرر ٿيا، انهن جي

حقن جي حفاظت جي لاءِ احڪامِ خداوندي نازل ٿيا. عورتن کي مالڪاڻا حق حاصل ٿيا، عورتون پنهنجي مهر جي رقمن، پنهنجي واپار، پنهنجي جائيدادن جي مالڪ بڻايون ويون ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ، پيڻ ياءُ اولاد ۽ مڙس جي وراثت جي وارث قرار ڏني وئي. مطلب اهي عورتون جيڪي مردن جي جوتين کان وڌيڪ ذليل و خوار ۽ انتهائي مجبور ۽ لاچار هيون، اهي مردن جي دلين جو سڪون ۽ انهن جي گهرن جي ملڪ بڻجي ويون جيئن قرآنِ ڪريم صاف صاف لفظن ۾ اعلان فرمائي ڇڏيو:

اَنْ خَلَقَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا لِّتَسْكُنُوْۤا اِلَيْهَا وَ جَعَلَ بَيْنَكُمْ مَّوَدَّةً وَّ رَحْمَةً ؕ (پ:۲۱،روم:۲۱)

**ترجمو ڪنزالايمان:** جو توهان جي واسطي توهان جي ئي جنس مان جوڙا ناهيائين، جيئن انهن مان آرام پايو ۽ توهان جي درميان هڪ ٻئي ۾ رحمت ۽ محبّت پيدا ڪيائين .

هاڻي نہ ڪو مرد عورتن کي مار ڪٽ ڪري سگهي ٿو نہ انهن کي گهرن مان ڪڍي سگهي ٿو ۽ نہ ڪو انهن جي مال اسباب يا جائيدادن کي کسي سگهي ٿو بلڪ هر مرد تي مذهبي طور تي عورتن جا حق ادا ڪرڻ لازم آهن.
(جنتي زيور،ص۳۹-۴۲ملخصابتغير قليل)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون !اوهان ٻڌو تہ اسلام ڪيترو پيارو مذهب آهي جو جنهن دنيا ۾ ڀهرين پيرو سِسڪندڙ سڏڪندڙ هن مظلوم هستي جي لڙڪن کي پنهنجي دامنِ ڪرم ۾ جذب ڪيو، ان جي زخمن تي شفقت ۽ محبت جو مرهم رکيو، ان کي ظلم ۽ ستم کان بچائي معاشري جو عزت دار فرد بڻايو، الغرض اسلام عورت تي ٿيندڙ ظلمن جو باب (Gate) هميشہ جي لاءِ بند ڪري ڇڏيو ۽ ان کي اهي تمام جائز حق ڏياريا جنهن جي

هوءَ حقدار هئي، بيشڪ عورتن تي اسلام جو هي اهو عظيمُ الشّان احسان آهي جو قيامت تائين جنهن تي انسانيت کي بہ فخر رهندو.

**ياد رکو!** عورت پنهنجي زندگي ۾ مختلف مرحلن مان گذرندي آهي مثال طور ڪڏهن ڌيءَ جي رُوپ ۾، تہ ڪڏهن ڀيڻ جي رُوپ ۾، ڪڏهن زال جي رُوپ ۾ ۽ ڪڏهن ماءُ جي رُوپ ۾ نظر ايندي آهي. عورت چاهي ڪنهن بہ رُوپ ۾ هجي، جڏهن بہ ان سان ڪا ناانصافي ٿي تہ اسلام ان جي جذبات ۽ احساسات کي ذري برابر بہ صدمو نہ پهچڻ ڏنو بلڪ ان کي ظلم ۽ جبر جي ڀنور مان ڪڍي هڪ نئين زندگي بخشي، خصوصاً اسلام کان پهريان ڌيئرن جي معاملي ۾ سالن کان جاري ظالماڻي ۽ وحشياڻي رسمن ۽ برائين جو باب بند ڪرڻ ۽ معاشري ۾ انهن کي هڪ منفرد مقام ڏيارڻ ۾ دينِ اسلام جو ڪردار ساراهہ جوڳو آهي. اچو! اسلام کان پهريان هنن مظلوم عورتن سان ٿيندڙ اذيت ناڪ سلوڪ جي درد ڀري داستان ٻڌون تا ۽ عبرت جا مدني گل حاصل ڪيون تا،

## اسلام کان پهريان ڌيءَ جي حيثيت

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون !اسلام کان پهريان ڇوڪرين سان جانورن کان بدتر سلوڪ ٿيندوهو ڪٿي پيدا ٿيندي ئي انهن کي زمين ۾ جيئرو دفن ڪيو ويندو هو ڇو جو نياڻي جي پيدائش کي باعثِ شرمندگي سمجهيو ويندو هو، جڏهن ڪنهن شخص کي خبر پوندي هئي تہ ان جي گهر ۾ نياڻي جي ولادت ٿي آهي تہ اهو ڪيئي ڏينهن تائين ماڻهن جي سامهون نہ ايندو هو ۽ سوچيندو رهندو هو تہ اهو ان معاملي ۾ ڇا ڪري؟ ذلت برداشت ڪري نياڻي جي پرورش ڪري يا شرمندگي کان بچڻ لاءِ پنهنجي نياڻي کي

www.dawateislami.net

جيئرو زمين ۾ دفن ڪري ڇڏي! سيپاري 14 سورة **النَّحل** جي آيت نمبر 58 ۽ 59 ۾ ارشاد آهي:

وَ اِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّ هُوَ كَظِيْمٌ ﴿۵۸﴾ يَتَوَارٰى مِنَ الْقَوْمِ مِنْ سُوْٓءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ؕ اَيُمْسِكُهٗ عَلٰى هُوْنٍ اَمْ يَدُسُّهٗ فِى التُّرَابِ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿۵۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جڏهن انهن مان ڪنهن کي ڌيءَ ڄمڻ جي خوشخبري ڏني وڃي ته سارو ڏينهن ان جو منهن ڪارو رهي ٿو ڪاوڙ جي حالت ۾ ماڻهن کان لڪندو ڦرندو آهي ان بشارت جي برائي جي سبب، ڇا ان کي خواري سان پاڻ وٽ رکي يا ان کي مٽي ۾ پوري ڇڏي، خبردار نهايت ئي بڇڙو فيصلو ڪن ٿا

انهيءَ باوجود ان سنگدل معاشري ۾ ڪجھ اهڙا ماڻهو به موجود هئا جيڪي معصوم ڇوڪرين جي عاجزي تي رت روئندا هئا ۽ جيستائين ممڪن ٿيندو هو نياڻين کي جيئرو دفن ٿيڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. مثال طور امير المؤمنين حضرت سيدنا فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سؤٽ ۽ حضرت سيّدنا سعيد بن زيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي والد زيد بن عَمرِو بن نُفَيل کي جڏهن خبر پوندي هئي ته فلاڻيءَ جي گھر ڇوڪريءَ پيدا ٿي آهي ۽ اهو ان کي جيئرو دفن ڪرڻ چاهي ٿو ته جلد ئي ان وٽ ويندا هئا ۽ان جي ڇوڪريءَ جي پرورش ۽ شادي وغيره جي خرچ (Expenses) جي ذميداري کڻندا هئا ۽ اهڙي طرح ان ننڍي ڇوڪريءَ کي قبر ۾ جيئرو دفن ڪرڻ کان ڦهريائين بچائيندا هئا.

حضرت سيدنا صَعصَعَہ بن ناجيه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو به اهوئي معمول هوندو هو. پاڻ عرض ڪيو: يا رسول **الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ! مون جاهليت جي زماني ۾ 360 ڇوڪرين کي جيئرو قبر ۾ دفن ٿيڻ کان بچايو ۽ هر ڇوڪريءَ جي عيوض ڏھ مهينن جون ڍڪيون به ڏاچيون ۽ هڪ اُٺ فديي طور انهن جي پيئرن کي ڏنو، ڇا مون کي ان عمل جو ڪو اجر ملندو؟ ته سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد

www.dawateislami.net

فرمايو: ان عمل جو توکي اجر تہ ملي ويو، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ توکي اسلام آڻڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ توکي ايمان جي نعمت سان سرفراز ڪيو.(معجم ڪبير، ٨/ ٧٧، حديث :٧۴١٢)

ٻڌو اوهان تہ اسلام کان اڳ ۾ هنن نازڪ گلن کي ڪيتري قدر دردناڪ انداز ۾ چيپاٽيو ويو، انهن تي زمين تنگ ڪئي وئي، انهن کان جيئڻ جو حق کسيو ويو ۽ انهن جي سنگدل والد انهن گلن جهڙين نياڻين کي زماني جي ملامت جي ڊپ مان پنهنجي ئي هٿن سان هلاڪت جي وادين ۾ ڌڪڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي هئي، الغرض دورِ جاهليت ۾ نياڻيون خاندان جي عزّت نہ بلڪ نحوست جي علامت سمجهيون وينديون هيون. افسوس جو هن ترقي يافتہ دور ۾ بہ زمانہ جاهليت جي ياد تازا ڪرڻ وارن جي ڪمي ناهي، اڄ بہ بعض نادان مسلمان اهڙا آهن جيڪي نياڻين سان محبت ڪرڻ ۽ انهن تي شفقت ۽ مهرباني جو هٿ رکڻ جي بدران ڏيءَ جي وجود کان نفرت ڪن ٿا، هن ويچاري کي پيدائش کان پهريان ماءُ جي پيٽ ۾ ئي مارايو ويندو آهي جڏهن تہ دنيا ۾ ايندڙ بعض ٻارڙين کي مائرن سميت موت جي ننڊ سُمهاريو ويندو آهي يا ان ٻارڙي کي ڪچري ڪونڊي ۾ اڇلايو ويندو آهي، جتي اها ننڍڙي ٻارڙي ڪتن ٻلين ۽ ٻازءِ ڪانوَن جي خوراڪ بڻجي ويندي آهي يا وري انهن کي مختلف فلاحي ۽ سماجي ادارن جي حوالي ڪيو ويندو آهي. يقينن اهو سڀ علمِ دِين کان دُوري جو نتيجو آهي. جيڪڏهن اسان اسلامي تعليمات جو جائزو وٺون تہ اسان کي خبر پوندي تہ اسلام نياڻين سان ٿيندڙ بدسُلوڪي ۽ ظلم و زيادتي کان منع فرمايو آهي ۽ رحمتِ عالم، سراپا جُود و ڪرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن جي پرورش ڪرڻ ۽ ان سان حُسنِ سُلوڪ سان پيش اچڻ تي جنت ۾ داخلي جون بشارتون عطا فرمايون آهن. اچو! هن جي باري ۾ 4 فرمانِ

مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا.

## اسلام ۾ نياڻين جو مقام ۽ رُتبو

1. ارشاد فرمايائون: جنهن شخص جي ڌيءَ هجي ته هو ان کي زنده دفن نه ڪري، ان کي ذليل نه سمجهي ۽ پنهنجي پٽ کي ان تي ترجيح نه ڏئي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جنت ۾ داخل ڪندو. (ابودا و، ۴/۴۳۵،حديث۵۱۴۶)

2. ارشاد فرمايائون: نياڻين کي بُرو نه چئو، مان به نياڻين وارو آهيان، بيشڪ نياڻيون ته گهڻي محبت ڪرڻ واريون، غمگسار ۽ تمام وڏيڪ مهربان هونديون آهن. (فردوس الاخبار، ۴۱۵/۲، حديث:۷۵۵۶)

3. ارشاد فرمايائون: جيڪو شخص ٽن نياڻين يا ڀينرن جي اهڙي طرح پرورش ڪري جو انهن کي ادب سيکاري ۽ انهن تي مهرباني وارو ورتاءُ ڪري ايتري تائين جو الله عَزَّ وَجَلَّ انهن کي بي نياز ڪري ڇڏي (مثال طور انهن جو نڪاح ٿي وڃي) ته الله عَزَّ وَجَلَّ ان جي لاءِ جنت واجب فرمائي ڇڏيندو آهي. هي ارشاد ٻڌي صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪرڻ لڳا: جيڪڏهن ڪو شخص ٻن ڇوڪرين جي پرورش ڪري ته ......؟ ارشاد فرمايائون: ان جي لاءِ به اهو ئي اجر ۽ ثواب آهي ايتري تائين جو جيڪڏهن ماڻهو هڪ جو ذڪر ڪن ها ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي باري ۾ اهو ئي ارشاد فرمائن ها. (شرح السنه، كتاب البر والصلة، باب ثواب كافل اليتيم، ۴۵۲/۶، الحديث: ۳۳۵۱)

4. ارشاد فرمايائون: جڏهن ڪنهن وٽ نياڻي جي ولادت ٿيندي آهي ته الله

عَزَّوَجَلَّ ان جي گهر ملائڪن کي موڪليندو آهي، جيڪي اچي چوندا آهن: اي گهر وارؤ! توهان تي سلامتي هجي. پوءِ ملائڪ پنهنجي پرن سان ان ڇوڪريءَ کي گهيري وٺندا آهن ۽ ان جي مٿي تي هٿ ڦيري چوندا آهن: هڪ ڪمزور ڇوڪريءَ ڪمزور عورت مان پيدا ٿي، جيڪو ان جي ڪفالت ڪندو قيامت تائين ان جي مدد ڪئي ويندي. (مجمع الزوائد،كتاب البر والصلة، باب ماجاء في الاولاد،۲۸۵/۸،حديث: ۱۳۴۸۴)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون !مڪي مدني سلطان،رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نه صرف پنهنجي اِرشادات سان نياڻي جي حقيقي مقام کي اُجاگر فرمايو آهي بلڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي ڪردار سان به اسان کي اهو ئي سيکاريو آهي ته هڪ عقلمند پيءُ کي پنهنجي نياڻي سان ڪهڙي طرح جو سُلوڪ ڪرڻ گهرجي. اچو! ترغيب لاءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پنهنجي پياري ۽ دادلي شهزادي، شهزادي ڪونين سَيده خاتونِ جنت فاطمة الزهرارَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا تي شفقت ۽ مهرباني جي هڪ ايمان افروز جهلڪ ملاحظو ڪريو ۽ پنهنجو ايمان تازه ڪريو ۽

حضرت سيدَتُنا بي بي فاطِمه رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جڏهن محبوبِ ربُّ العزّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿينديون هيون ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اٿي بيهي انهن ڏانهن متوجه ٿيندا هئا، پوءِ انهن جو هٿ پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ وٺي انهن کي چُمندا هئا ۽ پوءِ انهن کي پنهنجي ويهڻ واري جاءِ تي ويهاريندا هئا. اهڙي طرح جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت بيبي فاطمةُ الزّهرا رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا وٽ تشريف فرما ٿيندا هئا ته اهي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن کي ڏسي اٿي بيهنديون هيون. سندن هٿ مبارڪ پنهنجي هٿ ۾ وٺي ان کي چمنديون

هيو ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي جاءِ تي ويهاريندیون هيون. (ابوداود،کتاب الادب، باب ماجاء في القيام،۴۵۴/۴حديث: ۵۲۱۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اسلام ۾ ماءُ جو رُتبو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون !عورت ماءُ جي روپ ۾ اها عظيم هستي آهي جو جنهن جو وجود باعثِ برڪت آهي، جيڪا گهر جي زينت آهي، گهر جو سڪون جنهن جي دَم سان قائم رهندو آهي، جنهن کي محبت سان ڏسڻ سان مقبول حج جو ثواب ملندو آهي، جنهن جي خدمت رِضاءِ الٰهي جو سبب آهي ۽ جنهن جي بغير گهر اُجڙيل چمن لڳندو آهي، انهيءَ جي هنج مان انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۽ بزرگانِ دين رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهِم اَجْمَعِين جهڙي جليلُ القدر هستين جنم ورتو، ماءُ جي احسانن جي ڪا حد ناهي، ماءُ تڪليفن تي صبر ڪندي آهي، ماءُ اولاد جي خواهشن خاطر پنهنجي خواهشن کي قربان ڪندي آهي، ماءُ اولاد جي ولادت، ڪير پيئارڻ، ان جي تربيت ۽ راتين جو جاڳڻ جون تڪليفون سهندي آهي. ماءُ بکايل سمهي رهندي آهي پر اولاد کي بکايل سمهڻ ناهي ڏيندي، الغرض ماءُ پنهنجي اولاد جي سُک لاءِ سڀ ڪجهه برداشت ڪندي آهي پر افسوس جو بدلي ۾ ان کي ڏک ۽ تڪليفون ئي ملنديون آهن، ماءُ جي حقن تي ڌاڙو هنيو ويو ۽ ان کي هر دور ۾ تختہ مشق بڻايو ويندو رهيو، خاص ڪري پوڙهائپ ۾ ان سان جيڪو سلوڪ ڪيو ويندو آهي ان جي تصور (Imagination) سان ئي بدن جا وار اڀا ٿي ويندا آهن (اَلاَمَان وَالْحَفِيْظ) تنهنڪري اسلام ان ڏک درد جي ماريل ماءُ جي ڏکن جو مداوا ڪرڻ جي لاءِ سڀ کان پهريان آوازِ حق بلند ڪيو ۽ دنيا کي ٻڌايو تہ ماءُ اها محترم هستي آهي جو جنهن جي حقن جي ادائيگي بي حد ضروري آهي،

ربّ عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ماءُ جي رِضامندي ۾ پوشيده آهي، انسان ڀلي  ڪيتري ئي وڏي مقام ۽ منصب تي پهچي وڃي پر ماءُ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري سان بَرِي الذِمَّہ نٿو ٿي سگهي. اچو! ترغيب طور ماءُ جي شان ۽ عظمت بابت هڪ حديثِ پاڪ ٻڌون ٿا.

## حسنِ اخلاق جو وڌيڪ حقدار ڪير؟

هڪ شخص رحمت ِ عالم، نُورِمجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي عرض گذار ٿيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! منهنجي حُسنِ اخلاق جو وڌيڪ حق دار ڪير آهي؟ ارشاد فرمايائون: توهان جي ماءُ. ان ٻيهر عرض ڪيو: ان ڪان پوءِ؟ ارشاد فرمايائون: توهان جي ماءُ. ٽئي ڀيري عرض ڪيو: ان ڪان پوءِ ڪير؟ تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان ڀيري بہ اهو ئي ارشاد فرمايائون: توهان جي ماءُ. ان وري عرض ڪيو: ان ڪان پوءِ ڪير؟ تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: تنهنجو پيءُ . (بخاري،ڪتاب الادب، باب من احق الناس بحسن الصحبۃ، حديث:۵۹۷۱، ۴/ ۹۳)

## زخمي آڱر

حضرتِ سَيدُنا بَايزِيد بِسطَامِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: سياري جي هڪ سخت رات منهنجي امان مون ڪان پاڻي گهريو، آبخورو (يعني گلاس) ڀري ڪٺي آيس پر اَمڙ کي ننڊ اچي وئي، مون جڳائڻ مناسب نہ سمجهيو پاڻي جو گلاس ڪٺي انهي انتظار ۾ تہ سجاڳ ٿين تہ پاڻي پيش ڪيان، بيهي بيهي گهڻي دير ٿي چڪي هئي ۽ گلاس جو ڪجھ پاڻي وهي منهنجي آڱر تي برف ٻڻجي ويو هو، بهرحال جڏهن منهنجي اَمڙ سُجاڳ ٿي تہ مون پاڻي پيش ڪيو برف جي ڪري منهنجي ڳنڍيل آڱر جيئن گلاس ڪان جدا ٿي تہ ان جي کل بہ

www.dawateislami.net

جدا ٿي وئي ۽ ”رت“ وهڻ لڳو ماءُ هي ڏسي فرمايو: هي ڇا ؟ مون سچي حقيقت بيان ڪئي تہ انهن هٿ کڻي دعا ڪئي: اي الله عَزَّوَجَلَّ! آءُ هن کان راضي آهيان تون بہ هن سان راضي رهجان. (سمندري گنبد، ص۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رسالو ”سامونڊي گنبذ“ جو تعارف

**سُبْحٰنَ الله** عَزَّ وَجَلَّ ! **ڏٺو اوهان تہ** اسلام ۾ ماءُ جو شان و **عظمت** ۽ مقام و مرتبو ڪيترو قدر بلند ۽ بالا آهي جو ڪو لک ڪوشش ڪري پر پوءِ بہ ان عظيم هستي جو حق ادا نٿو ڪري سگهي، يقينن اهي اسلام جي احسانن مان نهايت عظيمُ الشّان احسان ۽ مائرن جي لاءِ فخر جو سبب آهي.

قربان وڃو!شيخ طريقت، امير اَهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَولانا ابُو بلال محمّد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تي جن مسلمانن جي سِينن ۾ ماءُ جي اهميت (Importance) اُجاگر ڪرڻ جي لاءِ هڪ نهايت ئي پيارو رسالو **”سامونڊي گنبذ“ جي نالي سان** تحرير فرمايو.اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ هن رسالي ۾ پاڻ ماءُ پيءُ خاص ڪري مائرن جي حقن، انهن جي اهميت، انهن جي فرمانبرداري ۽ نافرماني ڪرڻ وارن جا واقعا ۽ انهن جي باري ۾ آيتون ۽ حديثن کي گڏ ڪيو آهي، اڄ ئي هن رسالي کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هدية طلب ڪريو، پاڻ بہ پڙهون ۽ وڏيڪ تعداد ۾ رسالا ورهائڻ جي ترڪيب فرمايو، دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن رسالي کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ

(Print Out) ٻہ ڪري سگھجي ٿو.

## اسلام ۾ ڀيڻ جو مقام

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون !جھڙي طرح اسلام مائرن جا حق واضح ڪيا آھن، اھڙي طرح اسلام سڳي ڀيڻ جا حق بہ اُجاگر ڪيا آھن ۽ پنھنجي پيروڪارن کي پنھنجي سڳي ۽ رِضاعي ڀينرن سان بہ حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ جو درس ڏنو آھي، چوتہ ڀينرون ئي ڀائرن جا نخرا برداشت ڪنديون آھن، انھن جون فرمائشون پوريون ڪنديون آھن، ڏُک سک جي وقت ۾ ڀائرن جو ساٿ ڏينديون آھن، والده جي انتقال کان پوءِ گھر جو سڄو ڪم ڪار پنھنجي ذمي وٺي والده جي ڪمي محسوس ٿيڻ ناھن ڏينديون، جڏھن تہ زمانہ جاھليت ۾ انھن سان انتھائي بُرو سُلوڪ ڪيو ويندو ھو، مثال طور اسلام کان پھريان سڳي ڀينرن سان نڪاح جي معاشرتي بُرائي عام ھئي. الله عَزَّ وَجَلَّ ان کي هميشہ جي لاءِ ائين حرام فرمايو آھي: **(ترجمو ڪنز الايمان:) حرام ٿِيون توھان تي توھان جُون مائرُون ۽ ڌيئرُون ۽ ڀينرُون-** (پاره ۴، النساء: ۲۳) عورتن جي سڀ کان وڏي خير خواھ الله عَزَّ وَجَلَّ جي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڀائرن کي ڀينرن جي عزّتن جو رکوالو بڻائيندي ائين ارشاد فرمايو: جنھن جون 3 نياڻيون يا 3 ڀينرون يا 2 نياڻيون يا 2 ڀينرون ھجن ۽ ھن ان سان حُسنِ سُلوڪ ڪيو ۽ انھن جي باري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندو رھيو تہ ان کي جنت ملندي. (ترمذي،۳/۳۶۷، حديث:۱۹۲۳) بلڪ ٻئي جڳھہ تي چار ئي آڱريون گڏ ڪري اھا دلنشين خوشخبري ٻڌائي تہ اھڙو شخص جنت ۾ ائين مون سان گڏ ھوندو. (مسند احمد،مسند۔۔۔۔۔،۴/۳۱۳، حديث: ۱۲۵۹۴)

رحمتِ ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنھنجي عمل سان پنھنجي رضاعي (يعني

www.dawateislami.net

کير شريڪ) ڀيڻ حضرت شيما رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہا سان ائين حُسنِ سُلوڪ فرمايو تہ اوهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي رضاعي ڀيڻ جي لاءِ قيام فرمايو. (سبل الهدي والرشاد، ۳۳۳/۵) پنهنجي مبارڪ چادر وڇائي پوءِ ارشاد فرمايائون: گُهر! توهان کي عطا ڪيو ويندو، سفارش ڪريو! توهان جي سفارش قبول ڪئي ويندي.(دلائل النبوة،۵/ ۲۰۰) هن مثالي ڪرم نوازي دوران پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا، پاڻ سڳور ن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اهو بہ ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن چاهيو تہ عزت ۽ تڪريم سان اسان وٽ رهو، جڏهن هو واپس وڃڻ لڳيون تہ حضور سراپا نور، فيضِ گنجور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ 3 غلام ۽ هڪ ٻانهيءَ، هڪ يا ٻہ (2) اُٺ بہ عطا ڪيا، جڏهن مقامِ جعرانہ ۾ ٻيهر ان رضاعي ڀيڻ سان ملاقات ٿي تہ ٻڪريون وغيره بہ عطا ڪيون. (سبل الهدي والرشاد، ۳۳۳/۵ ملتقطاً)

نبي رحمت،شفيعِ اُمّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت ميمونہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہا کي فرمايائون: پنهنجي ٻانهي پنهنجي ڀيڻ کي ڏئي صِلہ رِحمي ڪريو ان ۾ توهان جي لاءِ ڀلائي آهي. (مؤطاامام مالڪ،۴۴۹/۲،حديث: ۱۸۵۵)

حضرت سيدنا جابر بن عبدُ اللّٰه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا پنهنجي 9 يا 7 ڀينرن جي محض نگهداشت، انهن جي ڪنگهي چوٽي ۽ بهترين تربيت جي خاطر هڪ بيوه عورت سان نڪاح ڪيائون. (مسلم، ص۵۹۳، ۵۹۴، حديث: ۳۶۳۸،۳۶۴۱)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون !ٻڌو اوهان تہ حضور نبي ڪريم،رءوف رَّحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي رضاعي ڀيڻ سان ڪيتري قدر شفيق و مهربان هئا جو جهڙي طرح پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي ازواجِ مطهرات، صحابيات ۽ ٻين خادمائن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُنَّ سان حُسنِ سلوڪ ۽ انهن جي دلجوئي

www.dawateislami.net

ڪندا هئا، اهڙي طرح پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عطائن ۽ نوازشن جو سلسلو پنهنجي رضاعي ڀيڻ سان بہ قابلِ ديد هو جو جڏهن سندن رضاعي ڀيڻ حضرت شيما رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿينديون هيون تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن جي تشريف آوري تي خوشي مان بيهي رهندا هئا،ان جي دلجوئي ڪندا هئا ۽انهن تي خوب نوازشون بہ ڪندا هئا.پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن پاڪيزه عمل ۾ اسان لاءِ نصيحت جا مدني گل موجود آهن ڇاڪاڻ تہ اڄ اسان مان ڪيئي اسلامي ڀائر ڀينرن وارا آهن، پر ڇا اسان پنهنجي ڀينرن سان محبتن ڀريو سُلوڪ ڪيون ٿا يا نہ؟، ڇا اسان جون ڀينرون بہ اسان کان راضي آهن يا نہ؟، ڇا اسان انهن کي وراثت مان محروم تہ ناهي ڪيو؟ ڇا اسان پنهنجي ڀينرن کي دڙڪا يا مارڪٽ يا گارگند تہ نٿا ڪيون؟ ڇا اسان پنهنجن ڀينرن کي خوش رکڻ جو اهتمام ڪيون ٿا؟ ڇا اسان انهن کي پاڻ وٽ ٿيندڙ تقريبن ۾ گهرايون ٿا يا نہ؟، ڇا اسان انهن جي حقن کي پامال (Destroy) تہ ناهي ڪيو؟ بهرحال اسان کي گهرجي تہ اسان اسلامي تعليمات کي مشعلِ راھ بڻائيندي پنهنجي ڀينرن جي معاملي ۾ شفيق ۽ مهربان ڀاءُ جهڙو ڪردار ادا ڪريون ۽ پنهنجي پاڻ کي اهڙي ماحول سان وابستہ رکون جتي اسان کي ڀينرن جي حقن جي بجاآوري جو ڀرپور ذهن ڏنو ويندو هجي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اسلام ۾ گهرواريءَ جو مقام

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون ! اسلام کان پهريان مال جي لاءِ جانورن ۽ ٻين ساز و سامان وانگر گهروارين کي بہ رهن(گِرْوي) رکيو ويندو هو. (بخاري،

www.dawateislami.net

كتاب الرهن، باب رهن السلاح، ٢ /١٤٨، رقم :٢٥١٠ ،ماخوذا) **اهڙي ۾ رحمتِ عالم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صورت ۾ اسلام جو نور ڦهلائيندڙ اهڙو سج اُڀريو جنهن عورت کي نہ صرف ظلم ۽ ستم کان ڇوٽڪارو ڏنو بلڪ مردن تي انهن جا حق مقرر ڪيا. اهو اسلام ئي تہ آهي، جنهن نڪاح جي ذريعي عورت سان قائم ٿيڻ واري رشتي کي مرد جي اڌ ايمان جو محافظ قرار ڏنو. هي اسلام ئي تہ آهي جنهن زالن کي مڙسن جي طرفان ملڻ واري حق مهر ۽ بيوه ٿيڻ جي صورت ۾ مڙس جي وراثت مان حق عطا فرمايا. اسلام نہ صرف هن سوچ (Thought) جي حوصلہ شڪني ڪئي تہ **”زال مڙس جي پيرن جي جوتي آهي“**بلڪ **الله** عَزَّوَجَلَّ زالن کي مڙسن جي آرام ۽ سڪون جو ذريعو ارشاد فرمايو. (سيپاره 21،روم 21)

**الله** عَزَّوَجَلَّ زالن جي باري ۾ مڙسن کي حڪم فرمايو: **وَعَاشِرُوْهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ** ترجمو ڪنزالايمان:۽ اُنهن سان چڱو سُلوڪ ڪريو. (پاره ۴،النساء:١٩)

اسلام ئي گهروارين سان چڱو برتاءُ ڪرڻ واري کي سڀ کان بهترين قرار ڏنو. جيئن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن ارشاد فرمايو**، سڀ کان بهتر اهو آهي جيڪو پنهنجي اهل جي لاءِ بهتر هجي ۽ مان توهان سڀني کان پنهنجي اهل جي لاءِ بهتر آهيان. (ترمذي،۵/۴۷۵، حديث:٣٩٢١)

حضرت سَيِدُنا حڪيم بن معاويہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا تہ هڪ شخص نبي اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان پڇيو: مڙس تي زال جا ڪهڙا حق آهن؟ تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن هو ڪائي تہ ان کي بہ کارائي، جڏهن لباس پائي تہ ان کي بہ پارائي، ان جي چهري تي نہ هٽي، نہ ان کي بدصورت چوي ۽ (جيڪڏهن سمجهائڻ جي لاءِ) ان کان عليحدگي اختيار ڪرڻ ئي پوي تہ گهر ۾ ئي (عليحدگي) ڪري. (ابن ماجه،٢/٤٠٩ ،رقم ١٨٥٠)

زمانۂ جاهليت ۾ ائين بہ ٿيندو هو جو مڙس پنهنجي زالن کان مال طلب کندا هئا، جيڪڏهن اهي ڏيڻ کان منع ڪنديون هيون تہ ڪيئي ڪيئي سالن تائين "انهن وٽ نہ وڃڻ" جو قسم کڻندا هئا. اسلام هن ظلم کي مٽايو ۽ اهڙو قسم کڻڻ وارن جي لاءِ سالن جي مدّت کي ختم ڪري صرف چار(4)مهينن جي مدت مقرر ڪئي. الغرض اسلام ئي حقيقي معنيٰ ۾ گهروارين کي معاشري ۾ هڪ منفرد مقام ۽ مرتبو عطا ڪيو، انهن جا حق مقرر ڪيا ۽ مڙسن کي انهن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جو درس ڏنو، بالفرض جيڪڏهن ڪنهن جي زال بدمزاج هجي، بدڪلامي ڪندي هجي يا ڪاڏو وغيره پچائڻ مهل ڪنهن شيءِ ۾ ڪمي بيشي ڪندي هجي تہ مڙس کي گهرجي تہ هو ڪاوڙ ۾ اچڻ، گاريون ڏيڻ، ان کي گهران ڪڍڻ، مائٽن ۾ موڪلڻ يا طلاق ڏيڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ بدران سمجهداري جو مظاهرو ڪندي هميشہ درگذر کان ڪم وٺي ۽ هڪ سٺي مڙس وانگر پنهنجي گهرواري جي احسانن کي ياد رکي جو هي ئي اها شيءِ آهي جو جنهن جي اسلام اسان کي تعليم ارشاد فرمائي ٿو،

## گهروارين جي باري ۾ اسلامي تعليمات

تَنبِيہ الغَافِلِين ۾ آهي تہ هڪ شخص اميرُالمُؤمنين حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي گهرواريءَ جي شڪايت ڪٽي حاضر ٿيو. جڏهن هو سندن دروازي تي پهتو تہ سندن گهرواريون اُمّ ڪلثوم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا کي ناراضي جي عالم ۾ گفتگو ڪندي ٻڌو. هو شخص اهو چوندي واپس موٽي ويو تہ مان پنهنجي زال جي شڪايت ڪرڻ جي ارادي سان انهن وٽ آيس (پر) اهو ئي معاملو تہ خود انهن سان بہ آهي (تنهنڪري هي ڪيئن منهنجو مسئلو حل ڪندا؟).اميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡہُ ان

www.dawateislami.net

ڪي گهرايو ۽ اچڻ جو مقصد معلوم ڪيو. ان عرض ڪيو: مان تہ اوهان جي بارگاهہ ۾ پنهنجي زال جي شڪايت ڪرڻ جي ارادي سان آيو هئس، جڏهن مون (اوهان جي باري ۾) اوهان جي زوجہ محترمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي گفتگو ٻڌي تہ (مايوس ٿي) واپس موٽي ويس.

اميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان کي ارشاد فرمايو: منهنجي گهرواري جا مون تي ڪجهہ حق (Rights) آهن (يعني مون کي ان مان ڪجهہ فائدا حاصل ٿيندا آهن) جنهن ڪري مان ان (شين) کان درگذر ڪندو آهيان: (1) هوءَ منهنجي لاءِ جهنم کان روڪ آهي، ان جي سبب منهنجي دل حرام کان بچيل رهي ٿي (يعني مان ان جي ذريعي نفساني خواهش جي تسڪين ڪندو آهيان ۽ ائين حرام ڪمن کان بچي ويندو آهيان).(2) جڏهن مان پنهنجي گهران ٻاهر ويندو آهيان تہ هوءَ منهنجي خزانچي ۽ منهنجي مال جي نگهبان بڻجي ويندي آهي.(3) منهنجي ڌوٻياڻي آهي، منهنجي لاءِ ڪپڙا ڌوئيندي آهي.(4) منهنجي ٻارن جي پرورش ڪندي آهي ۽ (5) منهنجي لاءِ ماني ۽ ڪاڌو پچائيندي آهي. هي ٻڌي هن شخص چيائين تہ بيشڪ مون کي بہ پنهنجي زال کان اهي ئي فائدا حاصل ٿيندا آهن جيڪي اوهان کي حاصل آهن، پر مون ان سان ڪڏهن بہ درگذر کان ڪم ناهي ورتو، تنهنڪري هاڻي مان بہ درگذر سان ڪم وٺندس.
(تنبيه الغافلين، باب حق المرأة علي الزوج،ص۲۸۰)

بنادو صبر و رضا کا پیکر، بنوں خوش اخلاق ایسا سرور
رہے سدا نرم ہی طبیعت، نبی رحمت شفیع امت

www.dawateislami.net

# مجلس مدني انعامات

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان کي ڀين رشتيدارن سان گڏوگڏ مائرن، ڀينرن،ڀائرن، ڌيئرن سان حُسنِ سلوڪ سان پيش اچڻ ۽ انهن جي حقن جي رعايت ڪرڻ جو مدني ذهن ڏئي ٿو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي 103 کان وڌيڪ شعبن مان هڪ شعبو ”مجلس مدني انعامات “ ﺑہ آهي. هن مجلس جو بنيادي مقصد اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن، ۽ جعاتُ المدينہ و مَدارِسُ المدينہ جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي باعمل بنائڻ ۽ انهن کي مدني انعامات تي عمل جي ترغيب (Persuasion) ڏيارڻ آهي، اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72 اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63 مدني انعامات آهن شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: ڪاش! ڀين فرض ۽ سُنتن جي بجا آوَري سان گڏوگڏ تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون انهن مَدَني انعامات کي ﺑہ پنهنجي زندگي جو دستورُ العَمَل بڻائي ونن ۽ تمام ذمّہ دارانِ دعوتِ اسلامي ﺑہ پنهنجي پنهنجي حَلقي ۾ انهن (مَدَني انعامات جي رسالن) کي عام ڪن ۽ هر مسلمان پنهنجي قَبر ۽ آخِرت جي بهتري جي لاءِ انهن مَدَني اِنعامات کي اِخلاص سان اپنائي الله عَزَّ وَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان جَنّتُ الفردوس ۾ مَدَني حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙيسري بڻجڻ جو عظيم ترين انعام ماڻي وني. اچو! اسان ﺑہ نيڪي جي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو ونون ۽ مدني انعامات تي نہ صرف پاڻ عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين بلڪ ڀين کي ﺑہ

انھن جي ترغيب ڏياريندا سين.اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!           صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!اهڙي پر فتن دور ۾ دعوتِ اسلامي 103 کان زائد شعبہ جات جي ذريعي اصلاح امّت ۾ مصرورفِ عمل آهي ،ان جو مدني ڪم ڪنهن قسم جي تعارف جو محتاج ناهي ،دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري هن وقت تائين لکين اسلامي ڀائرن ۽اسلامي ڀينرن ۾ مدني انقلاب برپا ٿي چڪو آهي ان جون مدني بهارون اسان ٻڌندا ئي رهندا آهيون تہ ڪهڙي طرح بدعملي ۽ گناهن جي دلدل ۾ ڦاٿل ، نامحرم مردن جي تسڪين جو سبب بڻيل عورتن ڪي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ان دلدل مان ڪيڍي ڪري عورت جي اصل مقام تي گامزن ڪري ان کي شرم و حيا جو درس ڏنو آهي . اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار اوهان جي گوش گذار ڪيان ٿي جيئن تہ :

## انوکي ڪمائي

بنگلہ ديش جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان هڪ عرصي کان وني پنهنجي مڙس سان گڏ ڪويت ۾ رهائش پذير آهيان بدقسمتي سان هتي جي آزادانہ ۽بيهوده ماحول جا جراثيم مون ۾ بہ سرايت ڪرڻ لڳا ۽مان مختلف گناهن جي موذي مرض جو شڪار ٿي ويس ،خوب ٻڄي سنورجي

ڪري آزادانہ گهمندي ڦرندي هيس،نت نوان فيشن واپرائڻ جو پوت سوار رهندو ،جڏهن بہ ڪڏهن ڪو نئون فيشن ڏسندي هيس ان کي واپرائڻ منهنجي اوّلين ترجيحات ۾ شامل هوندو هو ڳچيءَ ۾ پوتي پائي ڪري گهمڻ ۾ فخر محسوس ڪندي ،پنهنجي خواهشات کي پوررو ڪرڻ جي فڪر هميشہ دامن گير رهندي هئي ،ستم مٿان ستم هي تہ مان مال ڪمائڻ جي لاءِ گهر ئي ۾ نيٽ ڪيفي کولي رکيو هو، مڙس ڪم تي ويندو ۽ مان گهر ۾ نيٽ ڪيفي هلائيندي هيس .مال ۽دولت جي محبّت مونکي ايتري قدر انڌو ڪري ڇڏيو هو جو مان مال ۽ دولت جي بهاني پنهنجي گهر جا دروازا هر هڪ جي لاءِ کولي رکيا هئا .آءُ تمام پر ڪشش انداز ۾ رهندي ۽ هر اچڻ واري جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائيندي هيس .جيئن تہ مان فيشن پر ست ۽ بي پردھ رهندي هيس ان ڪري منهنجي نيٽ ڪيفي تي اجنبي مردن جو رش رهندو هو .مونکي پنهنجي عزّت ۽ عفّت جو ڪو رَڪ ڪونہ هو . بس مال مال ۽ مال ڪمائڻ جو ئي هر دم خيال هو منهنجي گهر وارن بہ مونکي ڪڏهن هن ڪم تي ڪو شرم نہ ڏياريو .مون کي هن ڳالهہ جو احساس تائين ڪونہ هيو تہ مان بي پردگي جهڙو ڪبيرا گناھ ڪري پنهنجي آخرت کي داءُ تي لڳائي رهي آهيان ،مونکي هن ڳالهہ جو ڪڏهن خيال بہ نہ آيو هوتہ هن حال ۾ ئي جيڪڏهن منهنجو انتقال ٿي ويو تہ منهنجو ڇا بڻجندو .الغرض مان يادِ الٰهي کان يڪسر غافل پنهنجي

www.dawateislami.net

زندگيءَ جا انمول هيرا ضايع ڪري رهي هيس ،اهو ته الله عزّوجلّ دعوتِ اسلامي ۽امير اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ کي سلامت رکي جو جنهن جي وجھ سان مان  بي پردگي ۽ بي حيائيءَ جي باھ مان نکري ڪري گلشنِ حيا ۾ پهچي ويس ، اهڙي طرح منهنجي زندگيءَ جي گناهن ڀريل رات ۾ هدايت جو سج ڪجھ هن طرح سان اڀريو جو هڪ ڏينهن حسبِ معمول مان بڻجي سنورجي ڪري نيٽ ڪيفي تي وينئي هيس هڪ خاتون منهنجي گهر ان وقت داخل ٿي جڏهن ته ٻيو ڪير به موجود نه هيو ،اها خاتون مٿي کان وٺي پيرن تائين مدني برقعي ۾ ملبوس هئي ،مان ان کي حيرت ڀرين نگاهن  سان ڏسڻ لڳس ته هي باحيا خاتون ڪير آهي جيڪا پردي جو ايتري قدر اهتمام ڪري ٿي ،اڃا مان انهن خيالات ۾ ئي گم هيس جو انهن جي شفقت ڀري آواز مونکي سوچن جي چڪر مان ڪڍيو اهو هن طرح ته انهن قريب ايندي ئي سلام ڪيو ،پهرين ئي دفعي جي ملاقات ۾ ايتري قدر  پنهنجائپ جو انداز ڏسي آءُ بيحد متاثر ٿيس ،مونکي چا خبر هئي ته اها اچڻ واري باپردا اسلامي ڀيڻ مونکي گناهن جي هن جهنگ مان ڪڍڻ جو سبب ثابت ٿيندي ، گفتگو دوران نيڪي جي دعوت پيش ڪندي  مونکي بي پردگيءَ جي دلدل مان نڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي اهي چوڻ لڳيون :اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ! اسان مسلمان آهيون اسان جو هر ڪم الله عزّوجلّ جي خوشنودي جي لاءِ هجڻ گهرجي ،اسان

ڪي هر ان ڪم کان پنهنجو دامن بچائڻ گهرجي جنهن سان اسان جو ربّ عزّوجلّ ناراض ٿيندو هجي،الله عزّوجلّ مسلمان عورتن کي نامحرم مردن کان پردو ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي ،انهيءَ ۾ اسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي آهي .اوهان ٿورو غور ته فرمايو هتي ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو ايندا هوندا ۽نه ڄاڻ اوهان کي ڪهڙين ڪهڙين نگاهن سان گهوريندا هوندا منهنجو مشورو آهي ته اوهان هن ڪم کي ڇڏي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو .گفتگو دوران ئي انهن ٻڌايو ته مان اوهان جي برابر واري فليٽ ۾ ئي رهندي آهيان .انهن جي پر خلوص دعوت سان مان متاثر ٿيس پر پنهنجي بري روش نه ڇڏي سگهيس،دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ان اسلامي ڀيڻ منهنجي فراغت جا اوقات معلوم ڪري ورتا ۽ اهڙي وقت ۾ ئي تشريف آڻيديون هيون جهڙي وقت ۾ مان فارغ هوندي هيس .هوءَ انفرادي ڪوشش جي ذريعي منهنجو ذهن ٺاهينديون ،ڪڏهن پنهنجي پيرو مرشد اميرِ اهلِ سُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو تذڪرو ڪنديون ته ڪڏهن وري دعوتِ اسلامي جون مدني بهارون بيان فرمائينديون . هڪ ڏينهن اهائي خير خواهه اسلامي ڀيڻ مون وٽ آيون ۽چوڻ لڳيون :ته منهنجي ٻارن جا ابو ٻاهر ويٺل آهن ،انهن کي ضروري ڪال ڪرڻي آهي،مون چيو انهن کي اندر سڏي وٺو ،ته چوڻ لڳي :اهي اندر نٿا اچي سگهن .مون چيو :ڇو؟ ته ان باپردا اسلامي ڀيڻ چيو:ڇاڪاڻ ته اوهان

پردو ڪيو پوءِ اهي ايندا .“مونکي هن ڳالهه تي حيرت سان گڏو گڏ خوشي به ٿي
ته هن پر فتن دور ۾ به شرم ۽ حياءُ جو وصف رکڻ وارا خوشنصيب به موجود
آهن ،مون ڇهري تي پردو وجهي ڇڏيو ته اسلامي ڀيڻ انهن کي اندر اچڻ جو
چيو :جيئن ئي دروازو کليو انهن جا مڙس شرم ۽ حيا وچان نظرون جهڪائي
اندر داخل ٿيا ،انهن اڇو لباس پهري رکيو هو ۽مٿي تي سبز سبز عمامون
شريف سجايل هو،دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته زال مڙس جي
شرعي حدود جي محافظت ڏسي ڪري مونکي پنهنجي بي باڪي ۽گناهن ڀري
زندگي تي افسوس ٿيڻ لڳو پنهنجو پاڻ منهنجيون اکيون پُرنم ٿي ويون
۽منهنجي زبان تي هي لفظ جاري ٿي ويا :”اهي به ته مسلمان آهن هي مرد ٿي
ڪري به ايتري قدر شرم ۽حياءُ واروآهي ۽ مان آهيان جو بي پردگي جي عظيم
گناهه جو ارتڪاب ڪندي ئي پئي وڃا .“ ان اسلامي ڀيڻ جو مڙس جيتري دير
تائين فون تي ڳالهه ڪندا رهيا، انهن هڪ ڀيرو به منهنجي طرف نظر ڪڻي
ڪري نه نهاريو .انهن جي وڃڻ کان بعد مان هڪ اضطراري حالتَ ۾ مبتلاء ٿي
ويس .اڄ پهريون ڀيرو شرم ۽ حياء جي عملي تصوير ڏسي ڪري فڪرِ آخرت
جي شمع منهنجي دل ۾ روشن ٿي وئي، جنهن جي ڪرڻن سان منهنجي تاريڪ
دل جي دنيا روشن ٿي ۽منوّر ٿيڻ لڳي ، مونکي شدت سان پنهنجي گناهن تي
ندامت ٿيڻ لڳي ،خوفِ خدا جو ايتري قدر غلبو ٿيو جو اسلامي ڀيڻ جي ويندي

ئي مان فورن  نيٽ ڪيفي بند ڪري ڇڏيوءِپنهنجي ڪمري ۾ اچي زور زور سان روئڻ شروع ڪري ڏنو ،مان پنهنجي زندگيءَ ۾ ايترو ڪڏهن نہ رني هيس، منهنجا ڳوڙها هيا جيڪي رڪجڻ جو نالو ئي نہ پيا وٺن ايتري تائين جو ڪيئي ٽشو پيپر منهنجن ڳوڙهن سان پاڻي پاڻي ٿي ويا .جيئن جيئن منهنجين اکين مان ڳوڙها نڪرن پيا تئين تئين منهنجي دل مان بي پردگي ءِبين گناهن  جو مير ڌوپجندو وجي پيو.ان ڏينهن نيٽ ڪيفي تي اچڻ وارا گيراڪ  نيٽ ڪيفي جو دروازو بند ڏسي واپس موٽي ويا .شام جو جڏهن منهنجي ٻارن جا ابو آيا  مون چيو :” اڄ مان تمام گهڻا پيسا ڪمايا آهن “. انهن چيو : ڪٽي اچو مان بہ تہ ڏسان تہ گهڻا پيسا ڪمايا آهن . مان ڳوڙهن سان پسيل ٽشو پيپر  جي صورت ۾ پنهنجي انوکي ڪمائي  آڻي سندن جي سامهون رکي.اهي هي ڏسي حيران ٿي چوڻ لڳا: هي ڇا آهي ؟مان انتهائي درد ڀري انداز ۾ سمورور واقعو انهن جي گوش گذار ڪري ڇڏيو.ان تي اهي بہ سڏڪا ڀري روئڻ لڳا .مان پنهنجي مڙس کي چيومان نيٽ ڪيفي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪي آهيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجل انهي ڏينهن مان بي پردگيءِ پنهنجين سڀني گناهن کان سچي توبہ ڪئي ۽نيٽ سسٽم کي هميشہ جي لاءِ بند ڪري ڇڏيو.ان اسلامي ڀيڻ سان گڏ دعوتِ

اسلامي جي تحت ٿيڻ واري هفتي وار سنّتن پري اجتماع ۾ وجڻ شروع ڪيو ،امير اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سان بيعت ٿي ويس ،مدني برقعو پائي ورتو ۽ شيخِ طريقت ، اميرِ اهلِ سُنّت بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علاّمہ مولانا ابو بلال محمّد الياس عطّار قادري دامت برڪاتهم العاليہ جي عطا ڪيل مدني مقصد "مونکي پنهنجي ۽سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" جي تحت نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروف ٿي ويس اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ تادمِ تحرير علاقائي دوري جي ذمّہ دار جي حيثيّت سان مدني ڪمن جي ترقي ۽عروج جي لاءِ ڪوشان آهياسن

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو
اندھیرا ہی اندھیرا تھا اجالا کر دیا دیکھو

## گهر ۾ اچڻ وڃڻ جون سنتون ۽ آداب

؟ جڏهن گهران ٻاهر نڪرو تہ هي دعا پڙهو:بِسْمِ اللهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللهِ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ ترجمو: الله جي نالي سان، مون الله تي ڀروسو ڪيو. الله کان سواءِ نہ (گناهن کان بچڻ جي) قوت آهي ۽ نہ (نيڪيون ڪرڻ جي) طاقت آهي. (سنن ابن داود، ج 4 ص 420 حديث 5095) اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي

رهندو مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ اللهعَزَّ وَجَلَّ جي مدد شاملِ حال رهندي؟ پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي مَحارِم ۽ مَحرمات (مثال طور ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، ٻارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو ؟ بنا الله (عَزَّ وَجَلَّ) جو نالو ونڻ جي مثال طور بِسۡمِ اللهِ چوڻ بنا جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان بہ اُن سان گڏ داخل ٿي ويندو آهي ؟ جيڪڏهن اهڙي گهر (ڪٽي پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو بہ نہ هجي تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡنَا وَعَلٰی عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيۡن (يعني اسان تي ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهي سلام جو جواب ڏيندا. ( رَدُّالۡمُحتارج۹ ص ٦٨٢) يا هن ريت چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيۡکَ اَيُّهَاالنَّبِيُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) چوتہ حضور اقدسصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. (شرح الشفاء للقاري ج 2 ص 118) ؟ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو تہ هيئن چئو:اَلسَّلَامُ عَلَيۡکُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ ؟ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ملي تہ خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نہ ڏني هجي ؟ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو تہ جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نہ پوي ؟ ڪنهن جي گهر وڃو تہ اُتان جي انتظامات تي بي جا تنقيد نہ ڪريو ان سان اُن جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي ؟ واپسيءَ تي گهروارن جي باري ۾ دعا بہ ڪريو ۽ شڪريو بہ ادا ڪريو ۽ سلام بہ ۽ ٿي سگهي تہ ڪو سنتن ڀريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.

صَلُّوۡاعَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ غور سان ان جو مطالعو ڪريو

.